# انتظاميا پاران عمل ڪرائڻ جو منصوبو

**93. درخواست ڪندڙن ۽ حڪومت سنڌ پاران ڪيل شڪايتن تي اڳ ۾ ني ڪينل قدم.**

2004 ۾ معائنو ڪرڻ لاء مليل درخواست ڪان پوء علاقائي نائب صدر ۽ لاڳاپيل ڊائريڪٽرز ۽ مئنيجرز ايل بي او ڊي، وهندڙ پاڻيءَ سان مليل تعميراتي جايون، سامونڊي پٽي ۽ سنڌو نديءَ جي احاطي ۾ موجود ٻين علائقن جو دورو ڪيو. هنن علائقي ۾ موجود متاثر ٿيل ماڻهن سان، خانگي تنظيمن سان ۽ سنڌ جي صوبائي حڪومت جي عملي سان بحث مباحثا ڪيا. انهيءَ سان انتظاميا کي موقعو مليو ته هو معاملي جي انتهائي اهم مسئلن کي هڪ وڏي پئماني تائين نظر ۾ رکندي سامهون آڻي ته جيئن مستقبل جي سڌاري لاء بهترين انتظامي حڪمت عمليون جوڙي سگهجن. جاچ ٽيم جي ڏنل تجويزن تي عمل ڪرائڻ لاء انتظاميا ڊائريڪٽرز ۽ هر موضوع جي ماهرن جي هڪ ٽيم پڻ ترتيب ڏني آهي. اتنظاميا پاران اڳ ۾ ني ڪنيل قدم هن طرح آهن:

- ملڪ جي پاڻيء وارن وسيلن جي استعمال لاء حڪمت عملي جوڙڻ جو ڪم مڪمل ڪرڻ (سي ڊبليو آر اي ايس) جيڪو بورڊ کي نومبر 2005 ۾ ڏنو ويو هو.
- آزاد ماهرن جي پينل پاران 2005 ۾ ڏنل رپورٽ تي عمل ڪرائڻ لاء ترت قدم کڻڻ تي غوروفڪر جيڪي سنڌ حڪومت سان بحث هيٺ آيا هئا.
- بدين جي سامونڊي علائقي ۽ ٺٽي ضلعي جي جياپي لاء گهرجن جي سڃاڻپ ڪرڻ وارو اڀياس (2005) مڪمل ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ جياپي لاء مستحڪم ٿيڻ جو پروگرام وجود ۾ آيو ۽ جيڪو پي پي اي ايف جي ذريعي عمل ۾ اچي رهيو آهي ۽
- پاڻيءَ وارن مسئلن کي سڌارڻ جي منصوبو (واٽر سيڪٽر امپرووميٽ پروجيڪٽ) جي تياري لاء شروعات سنڌ حڪومت جي تعاون سان 2006 ۾ ٿي.

94. ٽيبل نمبر 1 ۾ ٿوري عرصي وارين، وچولي عرصي وارين ۽ ڊگهي عرصي وارين رٿائن جي باري ۾ ذميوارين ۽ وقت جو مختصر اختصار هيٺ ڏنو ويو آهي. رٿا وارو منصوبو حڪومت سنڌ سان انهيءَ ڳالهه تي مڪمل طور سهمت ٿيو ته اها درخواست ڪندڙن جيڪي مسئلا اٿاريا هئا، انهن کي ٻڌي رهي آهي ۽ اها رٿا سي ڊبليو آر اي ايس ۽ سي اي ايس جو مڪمل حصو آهي جنهن سان بورڊ 2006 ۾ سهمت هو. سنڌ حڪومت جي اها مڪمل وابستگي آهي ته هوءَ ماڻهن جي مسئلن کي گهٽائي ۽ هاڻوڪي لڪت پڙهت کي آڏو رکي رٿا واري منصوبي تي عمل درآمد ڪرائي. سنڌ جي اريگيشن ڊيولپمينٽ پروگرام سان بئنڪ جي پٺڀرائي انهيءَ وابستگيءَ کي قائم رکڻ لاء هميشه ساٿ ڏيندي رهندي.

### ٽيبل 2. عمل ڪرائڻ جو منصوبو

| سرگرميون ۽ منصوبا | اي | بي | سي | ذميواري | عمل درآمد جي ترتيب |
|---|---|---|---|---|---|
| **ٿوري عرصي وارا ۽ ترت قدم کڻڻ وارا منصوبا**<br>1) ٺٽي ۽ بدين ضلعي ۾ جياپي جون حالتون بهتر ڪرڻ وارو پروگرام | | | | پاڪستان جو غربت مان نجات ڏيارڻ وارو فنڊ (پي پي اي ايف) | |
| فيز 1 (2 ملين آمريڪي ڊالر) | ☐ | | | | 2007..2006 |
| فيز 2 (16 ملين آمريڪي ڊالر) | ☐ | | | | 2009..2007 |
| 2) سنڌ جي پاڻيءَ وارن مسئلن ۾ سڌاري جو پروگرام (سنڌ ڊبليو ايس آءِ پي ) | ☐ | ☐ | ☐ | | |
| ڪاٿو | | | | سنڌ حڪومت، حڪومت پاڪستان ۽ سيڊا | نومبر 2006 |
| بورڊ جي آڏو تفصيل پيش ڪرڻ | | | | ورلڊ بئنڪ | جنوري 2007 |
| اثر ٻڌائڻ | | | | ورلڊ بئنڪ ۽ سيڊا | جولاءِ 2007 |
| 3) ڍنڍن ۽ پسگردائي وارن علائقن جو سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي اڀياس | ☐ | | ☐ | ورلڊ بئنڪ ۽ سيڊا | جولاءِ 2007 |
| **وچولي عرصي وارا منصوبا**<br>1) ڏاکڻي سنڌ ۾ سنڌو نديءَ جي کابي ڪپ تي ٻوڏ کان بچڻ جو نظام ٺاهڻ لاءِ مڪمل منصوبو | ☐ | ☐ | ☐ | سيڊا | 2009 ..2007 |
| 2) سامونڊي علائقن ۾ سڌاري جو پروگرام منصوبي جي اهم خيال جو نوٽ | ☐ | | ☐ | ورلڊ بئنڪ | جولاءِ 2007 |
| **ڊگهي عرصي وارا منصوبا**<br>1) زرعي زمين کي پاڻي ڏيڻ ۽ نيڪال جي پاڻي جي ڍانچن سنڀالڻ لاءِ پهتر انتظاميا، بهتر سروس ۽ انتظامي اڳواڻي ۽ صاف شفاف برابري تي منعصر پاڻيءَ جي ورهاست | ☐ | ☐ | ☐ | سنڌ حڪومت، حڪومت پاڪستان ۽ ورلڊ بئنڪ | 2009..2006 |
| 2) سنڌو نديءَ مان نڪرندڙ وسيلن جي بهتر انظاميا بنائڻ لاءِ جديد اداراتي جوڙجڪ | | ☐ | ☐ | حڪومت پاڪستان، سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ | 2016..2009 |
| 3) جٺاءُ ڪندڙ انتظامي اڳواڻي لاءِ ايجنڊا | ☐ | ☐ | ☐ | حڪومت پاڪستان، سنڌ حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ | 2016..2009 |

چوکنڊن جي وضاحت: اي: غربت ۽ جياپو، بي:ٻوڏ کان بچاءَ جا اپاءَ، سي: خطري هيٺ آيل سامونڊي ماحول

95. **ٿوري عرصي ۾ کڻڻ وارا قدم.**

پئنل جي رپورٽ جو اهم جزو بدين جي هيٺين علائقي ۾ بدحالي ۽ ماڻهن جي جياپي تي پوندڙ منفي اثر آهي خاص طور تي ڍنڍن ۽ ڍنڍن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن جي حالت ڏاڍي خراب ٿيندي ٿي وڃي آهي. بئنڪ جا ٿوري عرصي ۾ تجويز ڪيل قدم انهيءَ ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي چونڊيا ويا آهن ته اهڙن ماڻهن جو ڪو ترت تدارڪ ٿي وڃي ۽ لاڳاپيل مسئلن ۾ بهتري اچي سگهي. اهي قدم هي آهن:

. سڀ کان پهرين 18 ملين آمريڪي ڊالرن تي مشتمل هڪ پروگرام کي عمل ۾ آندو ويندو جيڪو بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي بدحال تعلقن ۾ ماڻهن جي جياپي کي بهتر بنائڻ لاءِ هوندو ۽ جنهن کي پي پي اي ايف جي فنڊ

ذريعي عمل ۾ آندو ويندو. اهو پروگرام بئنڪ پاران ڪرايل سماجي ۽ معاشي اڀياس جي روشنيءَ ۾ ۽ جياپي ڪي بهتر بنائڻ واري اڀياس جي روشنيءَ ۾ عمل ۾ آندو ويندو. انهن عملن مان هڪڙو عمل اهو به هوندو ته بدين ۽ ٺٽي ضلعي جي ماڻهن جي سماجي زندگيءَ کي وري ڪان پرکيو ويندو، اهو ڏسڻ لاءِ ته هتي ڪهڙا پناهه گير آهن ۽ ڪهڙا ٻيا مسئلا آهن جيڪي سامهون نه اچي سگهيا آهن ته جيئن جياپي جي مسئلي کي چڱيءَ طرح پروڙي سگهجي؛

- ٻئي نمبر تي بئنڪ ۽ سنڌ حڪومت جي اختياري وارن انهيءَ ڳالهه تي بحث ڪيو آهي ۽ سهمت ٿيا آهن ته نئين واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پروگرام (42) جي توسيع ۾ ٻوڏ کان بچاءَ واري انتظاميا جو مڪمل منصوبو جوڙيو ويندو جيڪو سنڌو نديءَ جي ڪاٻي ڪپ لاءِ هوندو ۽ انهيءَ جو ڦهلاءُ هن پوري سامونڊي علائقي ۾ ٻوڏ ۽ نيڪال جي نظام تائين هوندو. جڏهن ته ٻوڏ کان بچاءَ وارو منصوبو رکو ٻوڏ ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ هوندو جيڪي ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل ايراضيءَ ۾ هوندا. بئنڪ ان ڳالهه جي خاطري ڪندي ته 2005 جي ماهرن واري پينل پاران ڏنل تجويزن کي پورو ڪرڻ لاءِ جلد ئي عمل درآمد ٿئي پيو ۽ اهو جاچيندي ته انهن قدمن ڪٿڻ سان ڍنڍن ۾ رهندڙ ۽ ڍنڍن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن جي جياپي تي ۽ سامونڊي ماحول تي پيل اثرن کي هلڪو ڪرڻ لاءِ منصوبي کي مرڪز بنايو پيو وڃي. ان ۾ بئنڪ جي ماهرن جي 2001 واري ۽ 2005 واري پينلن پاران ڏنل رپورٽن کي اڳيان رکيو ويندو. جيئن ته واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پروگرام(ڊبليو ايس آءِ پي) پهريون قدم هوندو جيڪو ٻوڏ کان بچاءَ وارو مڪمل منصوبو ناهڻ لاءِ اڳيان هوندو جنهن منصوبي ۾ اهي علائقا شامل هوندا جيڪي درخواست ڪندڙن پاران ٻڌايا ويا آهن تنهن ڪري ڊبليو ايس آءِ پي جي پروگرام کي اڳيان وڌائڻ ۽ عمل ڪرائڻ کي اولين ترجيع ڏني ويندي؛ ۽

- بئنڪ ڍنڍن تي پيل اثرن کي بهتر طرح سان سمجهڻ لاءِ ۽ ڍنڍن جي سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي حالتن کي پرکڻ لاءِ هڪ مڪمل اڀياس ڪرائيندي ته جيئن انهن اپائن جي پروڙ پئجي سگهي جيڪي خراب ٿيندڙ صورتحال کي روڪي سگهن ۽ جنهن مان اهي رستا پڻ ڪڍيا ويندا جن جي ذريعي اهو معلوم ٿي سگهندو ته ڪيئن پي پي اي ايف جي جياپي واري پروگرام کي استعمال ڪري ڍنڍن ۾ رهندڙ ۽ انهن جي پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن کي فائدو پهچائي سگهجي ٿو. انهيءَ اڀياس ۾ انهن قدمن جي پڻ نشاندهي ڪرائي ويندي جيڪي سنڌ حڪومت پاران کڻي سگهجن ٿا ۽ ڊبليو ايس آءِ پي ۽ ڪوسٽل اينڊ انڊس ڊيلٽا ڊيولپمينٽ پروگرام تحت ڪهڙا وڏا ٻوڏ کان بچاءَ جا منصوبا تيار ڪري سگهجن ٿا، انهن جي پڻ نشاندهي ڪئي ويندي (هيٺيون تت پڙهو). هي اڀياس ٺٽي ۽ بدين ضلعي لاءِ ڪيل سماجي ۽ معاشي اڀياس جهڙو هوندو جيڪو 2005 ۾ مڪمل ڪيو ويو هو. نئون اڀياس ان ڳالهه جو تخمينو لڳائيندو ته ڍنڍن ۽ ان جي پسگردائي وارن علائقن تي موجود ٿلهن تي ڪهڙا اثر پيا آهن ۽ هاڻوڪي صورتحال جو تجزيوڪندو جنهن سان سامونڊي ماحول، مڇي ۽ ماڻهن جي جياپي تي منفي اثر پيا آهن. گڏوگڏ ماهيگيرن جي لڏپلاڻ جو پڻ جائزو ورتو ويندو. انهيءَ اڀياسي ٽيم پاران ٿوري ۽ ڊگهي عرصي وارا منصوبا تجويز ڪيا ويندا ۽ اها مزيد تحقيق لاءِ پڻ معاهدا ناهي ڏيندي جنهن ۾ نون انگن اکرن کي استعمال ڪرڻ جو طريقو پڻ شامل هوندو. اهو اڀياس ايندڙ سياري دوران ڪيو ويندو ته جيئن لڏيندڙ پکين جي انگن اکرن جو پڻ ڪاٿو ڪري سگهجي ۽ پوءِ وري ٻوڏ وارن مهينن ۾. اهو اڀياس سيڊا جي ماحولياتي يونٽ سان تعاون اندر ٿيندو، گڏوگڏ صوبائي توڙي وفاقي ايجنسين جو پڻ تعاون شامل هوندو جن 1997 ۾ ڍنڍن جي فهرست ناهڻ وقت شرڪت ڪئي هئي.

---

(42) هن منصوبي سان پاڻي جي معيار ۽ مقدار ۾ واڌارو ايندو ۽ پاڻيءَ جي استعمال ڪرڻ ۾ شعور ايندو جنهن سان سڌارن وارو پروگرام گهرو مستحڪم ٿيندو، خاص طور تي هارين جون تنظيمون ۽ علائقي جا پاڻيءَ وارا بورڊ پڻ مضبوط ٿيندا. هي منصوبو زرعي زمينن کي پاڻي ڏيڻ ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ ٿيل لاڳت کي صحيح طرح استعمال ڪندو ۽ اهي سهوليتون هيٺ واٽر ڪورسن تائين پهچايون وينديون. هن سان ماڻهن جي قوت وڌندي، علم تي منعصر پاڻي ۽ ٻوڏ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ واري خيال جي پٺڀرائي ڪندو ۽ انهيءَ سان هڪ مڪمل ٻوڏ کان بچاءَ وارو منصوبو جوڙيو ويندو جيڪو سنڌ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪاٻي پاسي وارن علائقن لاءِ هوندو.

**96. وچولي عرصي وارا منصوبا.**

بئنڪ اهو پڻ تجويز ڪيو آهي ته سنڌ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪاپي ڪناري جا ٻوڏ جي بچاءَ وارن ۽ نيڪال جي نظام وارن مسئلن تي مڪمل طور تي منصوبه بندي ڪرائي وڃي جنهن ۾ بدين ضلعي ڪي محور ڪري ۽ سنڌو نديءَ جي ساموندي پٽي ۽ ساموندي علائقن ۾ ڊگهي مدي وارا انتظامي منصوبا جوڙيا وڃن. اهي مهارتي منصوبه بندي وارا اڀياس پوءِ وري وڏن منصوبن ۽ پروگرامن کي کوليندا جيڪي بئنڪ پاران پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ مناسب هوندا ۽ سنڌ کي امداد ڏيندڙ ٻين ادارن لاءِ پڻ موزون هوندا.

**1. سنڌو ندءَ جي ڪاپي ڪناري تي ٻوڏ کان بچاءَ جو نظام ٺاهڻ لاءِ مڪمل ۽ تفصيلي منصوبو.**

واٽر سيڪٽر امپرووومينٽ پروگرام (ڊبليو ايس آءِ پي) سنڌو ندءَ جي ڪاپي ڪناري تي ٻوڏ کان بچاءَ جو نظام ٺاهڻ لاءِ ڪم ڪندو جنهن مڪمل منصوبي ۾ سنڌو ندي جي ساموندي پٽي ۽ ساموندي علائقا پڻ شامل هوندا (بدين ۽ ٺٽين سميت). هي ٻوڏ کان بچاءَ ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بنائڻ وارو مڪمل منصوبو قومي ڊي اين پي جي تياري دوران سيني شراڪتي ڌرين پاران قبوليو ويو هو جيڪو زمين جي مٿاهين ۽ هيٺاهين نيڪال جي نظام تي مرڪوز هوندو. ان کان علاوه سم ڪلر تي ضابطي ۽ ٻوڏ جي انديشن بابت هڪ انتظام پڻ تجويز ڪندو.

- هي ٻوڏ کان بچاءَ ۽ نيڪال جي نظام کي بهتر بنائڻ وارو مڪمل منصوبو قومي ڊي اين پي جي تياري دوران سيني شراڪتي ڌرين پاران قبوليو ويو هو جيڪو زمين جي مٿاهين ۽ هيٺاهين نيڪال جي نظام، سم ڪلر تي ضابطي ۽ ٻوڏ جي انديشن بابت هڪ انتظام تجويز ڪندو. هن ۾ تعميراتي ۽ غير تعميراتي ڪم تجويز ڪيا ويندا. غير تعميراتي ڪمن ۾ ٻوڏ جا چتاءَ ۽ ابلاغ، ٻوڏ بچاءَ جا طريقا ۽ تياريون ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ جا مختلف نظام شامل آهن. هيءَ منصوبه بندي گڏيل سوچ سان ڪئي ويندي جنهن ۾ گهٽا پاسا بهتر بنايا ويندا. هن منصوبه بنديءَ ۾ ماڻهن جي جياپي ۽ سماجي توڙي معاشي مسئلن کي مرڪز بنايو ويندو جيڪي حقيقي طور پرکيا ويندا ۽ پرپور مهارتي گهرجن ۽ موجوده سهوليتن مطابق هيءَ منصوبه بندي هوندي.
- هن منصوبه بنديءَ ۾ سنڌو نديءَ جي ساموندي پٽي ۽ ساموندي علائقن کي مرڪز بنايو ويندو ۽ ايل بي او ڊي جي ٺلهن سان گڏ پاٽيءَ جي جزيرن کي پڻ اڏو رکيو ويندو. اهڙن ٻين ماحولياتي ۽ مڇيءَ کي بچائڻ وارن وسيلن کي پڻ مرڪز بنايو ويندو جي کي مٿين سطح کان طوفان جا خطرا رهن ٿا. منصوبه بندي زرعي زمينن جي نيڪال جا سرشتا پڻ جوڙيندي ۽ اهڙين گهرجن ۽ ننڍن منصوبن جو تخمينو لڳائيندي، نقصانن جي بحاليءَ لاءِ تجويزون ڏيندي جيڪي 2005 واري ماهرن جي پينل پاران سنڌن رپورٽ ۾ ٻڌايون ويون آهن. نه صرف اهي پر ٻيون نيون نشاندهيون پڻ منصوبه بندي طور سامهون اچي سگهن ٿيون.
- تعميراتي ڪم ڪرائڻ لاءِ ۽ منصوبه بندي جوڙڻ لاءِ قوت پيدا ڪئي ويندي ۽ علاقائي اختياريءَ وارن جي قوت پڻ مضبوط ڪئي ويندي.
- جديد بين الاقوامي معيار جا موزون طريقا اختيار ڪيا ويندا ۽ مڪمل اطلاعاتي ذريعن جي نظام کي استعمال ڪيو ويندو ته جيئن بهتر کان بهتر منصوبه بندي ٿي سگهي ۽ ان منصوبه بنديءَ ۾ سار سنڀال لهڻ وارا بهتر طريقا، ٻوڏ کا بچاءَ لاءِ چتاءَ، علائقي جي اختياريءَ وارن پاران تياري ڪرڻ جا طريقا ۽ سنڌن ڪٽنبن جي شراڪيت کي يقيني بنايو ويندو.
- پروگرام کي رٿڻ لاءِ مناسب نموني ڪيس حصن ۾ ورهايو ويندو ۽ پوءِ تفصيلي ڊزائين تيار ڪيون ويندين جن ۾ سڀ کان پهرين ترجيعي ڪمن جي ڊزائين ڪئي ويندي جيڪي سنڌ حڪومت پاران عمل ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ڪيا ويندا جن ۾ سنڌن سڌارن لاءِ ڪم ڪندڙ حصيدارن جي مڪمل پٺڀرائي هوندي جن ۾ يقينن بئنڪ پڻ شامل آهي.

**2. سنڌو نديءَ جي ساموندي پٽي ۽ ساموندي علائقن واري سڌاري جو پروگرام.**

سنڌو نديءَ واري ساموندي پٽيءَ سان گڏ رهندڙ ماڻهو ڪجهه خصوصي مسئلن جو شڪار آهن جهڙوڪ سمنڊ جو آهستي آهستي نديءَ ۾ داخل ٿيڻ، بک ۽ بدحالي، ڪائناتي موسمي تبديلين جا اثر ۽ وڌندڙ ساموندي سطح. نديءَ جي مٿين وهڪرن ۾ ٿيندڙ تبديلين، زرعي زمينن جي وڌندڙ ايراضي ۽ شهري سامان جي فراهمي، پاٽيءَ جا اهي وهڪرا جيڪي ماحول کي بچائڻ لاءِ وڌايا وڃن ٿا ۽ نيڪال جي پاٽيءَ جي اندر داخل ٿيڻ سان سنڌو نديءَ جي ساموندي پٽيءَ سان رهندڙ ماڻهن تي ڏاڍو گهرو منفي اثر پيو آهي. نه صرف انهن تي پر ساموندي پٽي خود به تمام گهڻو متاثر ٿي آهي. گڏوگڏ انهي پٽيءَ جي ايراضي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي جنهن مان ساموندي وڻن جي ڪٽڻ جي ڪري جيڪو ساموندي جانورن کي ۽ ندين سان لاڳاپيل ٻيلن کي نقصان ٿئي پيو، پڻ خطري جي صورتحال پيو پيدا ڪري. انهيءَ علائقي ۾ سم ڪلر جي سطح مٿاهين ٿيندي پيئي وڃي ۽ ڪنهن به جاچ کان سواءِ صنعتي توڙي زرعي آلودگي پڻ وڌندي رهي ٿي. سنڌو نديءَ ۾ مزيد ڪنهن به تعميري ڪم ڪرائڻ کان اڳ ۾ ساموندي پٽي کي موجود خطرن بابت هڪ سنجيده اڀياس ڪرايو وڃي جنهن جي توسيع بين الاقوامي تجربي تي ٻڌل هجي ۽ انتظامي گهرجن

ڪي سمجھڻ لاءِ ضرورتن جي اپٽار ڪئي وڃي. بئنڪ هڪ پس منظر ۽ حڪمت عملي نوٽ تيار ڪيو آهي جيڪو سامونڊي علائقن جي زون ۽ سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ سڌارن وارو پروگرام ڏسندو. ان معاملي ۾ هڪ اهڙي حڪمت عملي کي ترجيع ڏني ويندي جيڪا خطي جي ماحولياتي خطرن جي پرک ڪري سگهي ۽ انهيءَ جو مناسب معاشي ڪاٿو لڳائي سگهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترائي ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪرايا ويندا جن ۾ پروفيشنل ماڻهن، خانگي تنظيمن ۽ ٻين شراڪتي ميمبرن سان لهه وچڙ ۾ اچبو جيڪي پوءِ سنڌ جي امدادي ايجنسين کي پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيندا.

**96. ڊگهي عرصي وارا منصوبا... پاڪستان ۾ موجود پاڻيءَ وارن ادارن سان حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ حصيداري.**

پاڪستان جي پاڻيءَ وارن ادارن سان بئنڪ جي حصيداري اٽڪل 50 سال پراڻي آهي ۽ اها تڏهن شروع ٿي هئي جڏهن سنڌو نديءَ پروگرام جي تياريءَ لاءِ شروعات ٿي رهي هئي ۽ جڏهن سنڌو نديءِ وارو مقبول ٺاهه عمل ۾ آيو هو. جيئن سي ڊبليو آر اي ايس ۾ ڄاڻايل آهي ته پاڪستان کي پاڻيءَ وارن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ چئن اهم للڪارن کي منهن ڏيڻو آهي:

1. ڪيس هڪ بين الاقوامي علم تي منحصر قوت پيدا ڪرڻي پوندي جيڪا وسيلن کي منظم ڪري سگهي ۽ مال جي ادائگي کي بهتر بنائي سگهي.
2. موجوده تعميراتي صورتحال ۾ ڪيس هڪ اهڙو سار سنڀال لهڻ وارو جديد فارمولو ٺاهڻو پوندو جيڪو مالي طور تي ممڪن هجي ۽ گڏوگڏ هڪ نئين پاڻيءَ واري منصوبي لاءِ پڻ تياري ونڻي پوندي.
3. پاڻ کي هڪ جديد اداراتي جوڙجڪ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ، سڌارن کي مجموعي مرڪز بنائي نون اوزارن کي استعمال ڪرڻ جا گر سکڻا پوندا جن اهم قدمن سان پاڻيءَ جو پيداواري، هميشه استعمال جوڳو ۽ لچڪ رکڻ وارو استعمال ٿي سگهندو؛ ۽
4. هڪ اصول وارو تجرباتي رستو ڳولهڻو پوندو جيڪو هن سڌاري واري ايجنڊا کي ايندڙ ڏهاڪن ۾ عمل ۾ آڻي سگهي.

98. پاڪستان کي پنهنجي پاڻيءَ واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرائڻ لاءِ آڏو آيل مڙني رڪاوٽن کي هر صورت ۾ دور ڪرڻ گهرجي جن مان ڪجهه هن ريت آهن: پاڻيءَ جي استعمال لاءِ ڇڪ ڇڪان، اضافي پاڻيءَ جو تمام گهٽ مقدار آهي جيڪو موجود رهي ٿو، پاڪستان جي پاڻيءَ جو دارومدار صرف هڪ ئي نديءَ تي آهي، ڪيترن ئي علائقن ۾ زمين جي پاڻيءَ جو زيان، پاڪستان جي قدرتي وسيلي جو وڏي پئماني تي نقصان ٿي رهيو آهي جنهن جا ڪيئي انساني توڙي ماحولياتي خطرا موجود آهن، جن ۾ سم ڪلر جي ڪري پسماندگي پيئي اچي، علم جي گهٽتائي جي ڪري پسماندگي ۾ وڃي رهيا آهن ۽ موسمن جي تبديلين جي ڪري جيڪي خطرا آهن، انهن جي به منصوبه بندي نه پيئي ڪئي وڃي. ٻوڏ ۽ نيڪال جا مسئلا ڏينهون ڏينهن وڌندا رهندا، خاص طور تي سنڌو نديءَ جي هيٺاهين پاسي. انهن سڀني مسئلن کي جوڙي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته پاڻيءَ جي ورهاست واضع ناهي. پاڻيءَ جي ورهاست دوران انصاف نه ٿو ڪيو وڃي، تمام گهٽا پاڻيءَ وارا علائقا زبون حالت ۾ آهن ۽ ڪنهن به منصوبي تي عمل ڪرڻ وقت معيار ڪريل رهي ٿو.

99. جيئن پاڪستان سان لاڳاپيل سي اي ايس ۾ ذڪر ٿيل آهي ته (بجيٽ سال 2006..2009 ، جڏهن ته بورڊ سان جون 2006 ۾ اهو موضوع بحث هيٺ آندو ويو)، بئنڪ پاڪستان سان پاڻيءَ واري مسئلي ۾ پنهنجي حصيداري مستحڪم بنائڻ چاهي ٿي ۽ ان جي لاءِ منصوبه بندي ڪرڻ چاهي ٿي. تمام گهڻن مسئلن جو تت جيڪي انهيءَ ڳالهه جي بنيادن سان لاڳاپيل آهن اهو آهي ته هتي انتظامي اڳواٽي تمام خراب آهي ( جيڪو پاڪستان جي پي آر ايس پي جو ٻيو ٿنڀو آهي)، خصوصي طور تي پاڻيءَ جي ورهاست دوران پاڻيءَ سان لاڳاپيل ادارن ۾ نه ايمانداري آهي ۽ نه وري ڪا پڇا ڳاڇا ٿئي ٿي ۽ هارين کي ڪو به اختيار ڪونهي. اين ڊي پي پاران بهترين سڌارن جا پروگرام ڏيئي ڪجهه اڳتي قدم ڪينا ويا آهن... اهو هڪ سلسلو آهي جيڪو نظام کي ايندڙ 100 سالن ۾ تبديل ڪندو. اهي سڌارا پنجاب ۾ قرض واري پاليسي تحت وڏيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪيا ويندا ۽ ڊبليو ايس آءِ پي تحت پڻ ڪم ڪندا جن جو ڪاٿو 2007 جي بجيٽ سال جي ٻي چوٿائي دوران ترتيب ڏنو ويو آهي. انتظاميا جي تجويز ڪيل عملي منصوبي جي اهم عنصرن تي پڻ ڊبليو ايس آءِ پي تحت عمل ڪيو ويندو.

100. بئنڪ جي پاڪستان سان ڊگهي مدي واري شراڪت تازو ئي وڌيڪ مضبوط ڪئي ويئي آهي جنهن تحت سي ڊبليو آر اي ايس (43) (ڳانڍاپو نمبر 6) تيار ڪيو ويو آهي. بئنڪ صوبائي توڙي وفاقي حڪومتن سان زرعي نظام ۽ نيڪال جو سرشتو بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجو مڪالمو جاري رکندي ۽ بهتر ادائگي ڪرڻ لاءِ پڻ ڳالهائيندي رهندي. بئنڪ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏيندي رهندي ته ايماندارانه نموني سان پاڻيءَ جي

ورهاست ٿيڻ گهرجي ۽ پاڻي انهيءَ طئي ٿيل مقدار مطابق ملڻ گهرجي. بئنڪ پوري نظام ۾ اداراتي سڌارا آڻڻ لاءِ ۽ مزيد سيڙپڪاري لاءِ زور ڏيندي رهندي. انهيءَ ۾ اهم سيڙپ انهن اثاثن ۾ ڪرڻ گهرجي جيڪي زبون حالت ۾ آهن جيڪي سڌارا اڳيئي عمل جي سلسلي مان گذري رهيا آهن، انهن جي پٽيرائي ڪرڻ گهرجي جن ۾ زرعي پاڻيءَ کي لامرڪزيت طرف وٺي وڃڻ ۽ هارين کي اختيار ڏيڻ وارا خيال موجود آهن جن جي ڪري معيار، اهليت ۽ پڇا ڳاڇا جا پئمانا وڌندا ۽ زرعي توڙي نيڪال واري سرشتي جي ادائگي ۾ اضافو ايندو. سنڌ ۾ انهيءَ پروگرام تي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ پروجيڪٽ تحت عمل درآمد ڪيو پيو وڃي ۽ انهيءَ کي هڪ هنڌ جمع ڪري ۽ سندس قدرن کي بيان ڪري ڊبليو ايس آءِ پي جي تجويز مطابق 2007 ۾ منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو.

(43) 2005 ۾ بورڊ جي ميمبرن ۾ ورهايو ويو.

هي دستاويز " جاچ پئنل جي تفتيشي رپورٽ، انتظاميا پاران رد عمل " جو سنڌي ترجمو آهي جيڪو دلچسپي رکندڙ ڌرين جي چوڻ تي مهيا ڪيو پيو وڃي. جيڪڏهن ترجمي جوڪوبه حصو انگريزيءَ واري اصل حصي کان مختلف هوندو ته انگريزيءَ واري حصي کي ترجيع ڏني ويندي.

"This document is **an unofficial** translation of the *Management Response: Elaboration of the short term Action Plan*, which is provided as a service to interested parties. **Every effort has been made to ensure an accurate translation but if** any **part** of the translation in Sindhi is inconsistent with the text of the original official document in English then the later shall govern."